SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2003
# SINDH ACT NO.I OF 2003

# سنڌ صلاحڪارن جي (مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH ADVISORS (APPOINTMENT, POWERS, FUNCTIONS, SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2003

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اثرانداز ٿيڻ
Overriding effect

4. مقرري ۽ عهدي جو مدو
Appointment and term of office

5. پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون
Salaries, Allowances and Privileges

6. دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred

7. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2003
# SINDH ACT NO.I OF 2003
## سنڌ صلاحڪارن جي (مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2003
## THE SINDH ADVISORS (APPOINTMENT, POWERS, FUNCTIONS, SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2003

[18 مارچ 2003]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪارن جي مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون طئي ڪيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪارن جي مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون طئي ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صلاحڪارن جي (مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جنوري 2003 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين هيٺين اظهارن جي معنيٰ ترتيبوار هن ريت هوندي:

(a) "صلاحڪار" مطلب هن ايڪٽ تحت مقرر ڪيل وڏي

وزير جو صلاحڪار؛
(b) "وڏو وزير" مطلب سنڌ جو وڏو وزير؛
(c) "ڪٽنب" مطلب صلاحڪار تي ڀاڙيندڙ گهرواري، ٻار ۽ والدين جيڪي ساڻس گڏ رهندا هجن؛
(d) "گورنر" مطلب سنڌ جو گورنر؛
(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(f) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل.

اثرانداز ٿيڻ
Overriding effect

3. هن ايڪٽ جون گنجائشون تيستائين موثر هونديون جيستائين ڪنهن ٻئي قانون يا ڪنهن فيصلي، حڪم يا ڪنهن عدالت جي ڊڪري جي متضاد نه هجن.

مقرري ۽ عهدي جو مدو
Appointment and term of office

4.(1)وڏو وزير، پنهنجي صوابديد تي وقت بوقت گورنر کي ماڻهن جو اهڙو انگ صلاحڪارن طور مقرر ڪرڻ جي صلاح ڏئي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جيڪي وڏي وزير جي خوشيءَ سان عهدو رکي سگهندا.
پهرين جنوري 2003 تي يا ان کانپوءِ مقرر ڪيل صلاحڪار هن ايڪٽ تحت مقرر ڪيل سمجهيو ويندو.
(2)صلاحڪار اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي ڪيس سونپيا ويندا ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي ڪيس وڏو وزير سونپيندو.

پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون
Salaries, Allowances and Privileges

5.صلاحڪار کي اهڙي پگهار، الائونسز ۽ ٻيون مراعتون ڏنيون وينديون جيئن حڪومت وقت بوقت طئي ڪري.

| | |
|---|---|
| 6.جيئن هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تہ هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن بہ حڪم يا ڪيل ڪنهن بہ ڪارروائي، يا حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن يا صلاحڪار خلاف ڪنهن بہ عدالت ۾ سوال نہ اٿاريو ويندو ۽ ڪنهن بہ عدالت طرفان ان سلسلي ۾ ٻڌايل ڪنهن فيصلي يا هن ايڪٽ تحت ڏنل يا مليل ڪنهن اختيار جي سلسلي ۾ ڪيل ڪارروائي تي ڪا هدايت جاري نہ ڪئي ويندي. | دائره اختيار تي پابندي<br>Jurisdiction barred |
| 7. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |